# حلال طريقي سان ڪمائڻ جا 50 مدني گل


شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه

شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برکاتهم العَاليه

جن جو اُردو زبان ۾ رسالو

# حلال طريقي سان ڪمائڻ جا 50 مدني گل

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**فون نمبر**: 021-34921389-90-91

*E-mail: translation@dawateislami.net*

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# حلال طريقي سان ڪمائڻ جا 50 مدني گل

شيطان ڪيترو ئي روڪي پر هي رسالو مڪمل پڙهي ڪري پنهنجي آخرت جو ڀلو ڪيو.

## درود شريف جي فضيلت

امير المؤمنين حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن کان روايت آهي ته نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف پڙهڻ گناهن کي ايترو جلدي مٽائي ٿو جو پاڻي به ايترو جلدي باهه کي نٿو وسائي ۽ نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي سلام موڪلڻ غلامن کي آزاد ڪرڻ کان افضل آهي. (تاريخ بغداد ج 7 ص 172)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪو ملازم رکڻ چاهي ٿو ان کي ملازم رکڻ جا ۽ جنهن کي ملازمت ڪرڻي آهي ان کي ملازمت جا ضروري احڪام ڄاڻڻ فرض آهن. جيڪڏهن ضرورت موجب نه سکندو ته گنهگار ۽ عذابِ نار جو حقدار ٿيندو ۽ نه ڄاڻڻ جي ڪري بار بار گناهن ۾ مبتلا ٿيڻ ان کان علاوه آهي. هن رسالي ۾ صرف چوند مسائل درج ڪيا ويا آهن، وڌيڪ معلومات جي لاءِ بهارشريعت جلد 3 صفحي 104 کان 184 تي ”اجاري جو بيان“ پڙهي وٺو. پهريان مختصر طور حلال روزي جي فضيلت ۽ حرام روزي جون تباهه ڪاريون پيش ڪجن ٿيون، الله تبارڪ و تعالٰي سيپاري 12 جي پهرين آيت ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ زمين تي چرندڙ ڪا به شيءِ اهڙي نه آهي جنهن جو رزق الله جي ڪرم جي ذمي نه هجي.

**مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان "نورالعرفان" ۾ فرمائن ٿا: زمين تي هلڻ واري جو ان ڪري بيان فرمايو جو اسان کي انهن جو ئي مشاهدو ٿيندو آهي (يعني اهي نظر ايندا آهن) نه ته جِنّات وغيره کي (به) ربّ عَزَّوَجَلَّ (ئي) روزي ڏيندو آهي. ان جي رزاقيّت صرف حيوانن ۾ مُنحصِر ناهي، وري جيڪو جنهن روزي جي لائق آهي ان کي اها ملي ٿي. ٻار کي ماءُ جي پيٽ ۾ ٻئي قسم جي روزي ملندي آهي ۽ پيدائش کان پوءِ ڏند نڪرڻ کان پهرين ٻي طرح جي، وڏو ٿي ڪري ٻي طرح جي.
(نورالعرفان ص 353 بتغير قليل)

## حلال روزي جي باري ۾ 5 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**﴿1﴾** سڀ کان وڏيڪ پاڪيزه کاڌو اهو آهي جيڪو پنهنجي ڪمائي مان کائو. (ترمذي ج 3 ص 76 حديث 1363) **﴿2﴾ بيشڪ الله تعاليٰ** مسلمان پورهيت کي دوست رکي ٿو. (معجم اوسط ج 6 ص 327 حديث 8934) **﴿3﴾** جنهن کي مزدوري کان ٿڪجي ڪري شام ٿئي ان جي اها شام، مغفرت جي شام آهي. (ايضا ج 5 ص 337 حديث 7520) **﴿4﴾** پاڪ ڪمائي واري جي لاءِ جنت آهي. (ايضاً ص 72 حديث 4616) **﴿5﴾** ڪي گناهه اهڙا آهن جن جو ڪفارو نه نماز ٿيندي نه روزا نه حج نه عمرو. انهن جو ڪفارو اهي پريشانيون ٿينديون آهن جيڪي ماڻهو کي حلال ڪمائي جي ڳولا ۾ پهچنديون آهن. (ايضاً ج 1 ص 42 حديث 102، فتاويٰ رضويه ج 29 ص 314 تا 317)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

## حلال گرهه جي فضيلت

اسان کي هميشه حلال روزي ڪمائڻ، کائڻ ۽ کارائڻ گهرجي حلال گرهه جي وڏي فضيلت آهي جيئن ته دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 1432 صفحن تي مشتمل ڪتاب "فيضانِ سنت" جلد اول صفحي 179 تي آهي: حضرت سيدنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي اِحياءُ العُلوم جي ٻئي جلد ۾ هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو قول نقل ڪن ٿا ته مسلمان جڏهن حلال ڪاڌي جو پهريون گرهه کائيندو آهي، ان جا پهريان جا گناهه معاف ڪيا ويندا آهن ۽ جيڪو شخص حلال (روزي) جي لاءِ رسوائي واري جڳهه تي ويندو آهي ان جا گناهه وڻ جي پنن وانگر ڇڻندا آهن.

(احياءُ العلوم ج 2 ص 116)

## حرام روزي جي باري ۾ 4 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

﴿1﴾ هڪ ماڻهو ڊگهو سفر ڪندو آهي جنهن جا وار وکريل آهن ۽ جسم مٽي هاڻو آهي (يعني ان جي حالت اهڙي آهي جو جيڪا دعا ڪري سا قبول ٿئي) اهو آسمان ڏانهن هٿ کڻي يا ربّ! يا ربّ! چوي ٿو (دعا ڪري ٿو) مگر حالت هي آهي جو ان جو کائڻ حرام، پيئڻ حرام، لباس حرام، خوراڪ حرام، پوءِ ان جي دعا ڪيئن قبول ٿئي! (مسلم ص 506 حديث 65، (1015) (يعني جيڪڏهن دعا جي قبوليت جي خواهش هجي ته حلال پورهيو اختيار ڪريو) ﴿2﴾ ماڻهن تي هڪ زمانو اهڙو ايندو جو ماڻهو پرواهه به نه ڪندو ته ان شيءِ کي ڪٿان حاصل ڪيو آهي، حلال ڪان يا حرام ڪان. (بخاري ج 2 ص 7 حديث 2059) ﴿3﴾

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

جيڪو ماڻهو حرام مال حاصل ڪندو آهي، جيڪڏهن ان کي صدقو ڪري تہ مقبول ناهي ۽ خرچ ڪري تہ ان جي لاءِ ان ۾ برڪت ناهي ۽ پنهنجي پنيان ڇڏي مري تہ جهنم ۾ وڃڻ جو سامان آهي. **الله** تعاليٰ برائي کي برائي سان نٿو مٽائي، ها نيڪي سان برائي کي مٽائي ٿو. بيشڪ خبيث (يعني ناپاڪ) کي خبيث ناهي مٽائيندو. (مسند امام احمد ج 2 ص 34 حديث 3672) **﴿4﴾ جنهن عيب واري شيءِ جي بيع ڪئي** (يعني وڪرو ڪئي) ۽ ان (عيب) کي ظاهر نہ ڪيو، اهو هميشہ **الله** تعاليٰ جي ناراضگي ۾ آهي يا فرمايو تہ فرشتا هميشہ ان تي لعنت ڪندا آهن. (ابن ماجہ ج 3 ص 59 حديث 2247، بهار شريعت ج 2 ص 610، 611، 672)

## حرام گرهہ جي نحوست

مڪاشفة القلوب ۾ آهي: ماڻهو جي پيٽ ۾ جڏهن حرام جو گرهہ پيو تہ جيتري تائين ان جي پيٽ ۾ رهندو، زمين ۽ آسمان جو هر فرشتو ان تي لعنت ڪندو ۽ جيڪڏهن انهيءَ حالت ۾ (يعني پيٽ ۾ حرام گرهہ جي موجودگي ۾) موت اچي ويو تہ جهنّم ۾ داخل ٿيندو. (مڪاشفة القلوب ص 10)

# حلال طريقي سان ڪمائڻ جا 50 مدني گل

**﴿1﴾** سيٺ ۽ نوڪر بنهيءِ جي لاءِ ضرورت موجب اِجاري جا شرعي احڪام سکڻ فرض آهن. نہ سکندا تہ گناهگار ٿيندا. (دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ ”بهار شريعت“ جلد 3 حصو 14 صفحو 104 تان 184 تي اجاري جا تفصيلي احڪام درج آهن)

**﴿2﴾** نوڪر رکڻ وقت ملازمت جي مدت، ڊيوٽي جو وقت ۽ پگهار

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

جو اڳ ۾ طئي ڪرڻ ضروري آهي.

﴿3﴾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ڪم جون ٽي حالتون آهن (1) سست (2) مُعتَدِل (يعني وچٿرو ۽) (3) نهايت تيز. جيڪڏهن مزدوري ۾ (گهٽ ۾ گهٽ معتدل به ناهي صرف) سستي سان ڪم ڪندو آهي ته گنهگار آهي ۽ ان سبب پوري مزدوري وٺڻ حرام آهي. اوتري ڪم (يعني جيترو ان ڪيو) جي مطابق جيتري اُجرت ٿيندي اها وٺي، ان کان جو ڪجهه وڌيڪ مليو مُستاجِر (يعني جنهن سان ملازمت جو معاهدو ڪيو آهي ان) کي واپس موٽائي ڏئي. (فتاوٰي رضويه ج 19 ص 407)

﴿4﴾ ڪڏهن ڪم ۾ سست پئجي ويو ته غور ڪري ته "مُعتدِل" يعني وچٿري انداز ۾ ڪيترو ڪم ڪري سگهي ٿو، مثلاً ڪمپيوٽر آپريٽر آهي ۽ روزانه جي 100 روپيا اُجرت ملندي آهي وچٿري انداز ۾ ڪم ڪرڻ ۾ روزانه جون 100 سِٽون ڪمپوز ڪري وٺندو آهي پر اڄ محض سستي يا غير ضروري ڳالهيون ڪرڻ جي ڪري 90 سٽون تيار ٿيون ته 10 سٽن جي ڪمي جا 10 روپيا ڪٽوتي ڪرائي جو اهي ڏهه روپيا وٺڻ حرام آهن، جيڪڏهن ڪٽوتي نه ڪرايائين ته گنهگار ۽ جهنم جي باهه جو حقدار آهي.

﴿5﴾ پلي گورنمنٽ جو ادارو هجي يا پرائيويٽ ملازم جيڪڏهن ڊيوٽي تي اچڻ جي معاملي ۾ عرف کان هٽي ڄاڻي واڻي دير ڪندو يا جلدي هليو ويندو يا موڪلون ڪندو ته ان معاهدي جي قصداً خلاف ورزي جو گناهه ته ڪيو ئي آهي ۽ انهن صورتن ۾ پوري پگهار وٺندو ته وڌيڪ گنهگار ۽ عذابِ نار جو حقدار ٿيندو. فرمان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن: ”جيڪو جائز پابنديون مشروط (يعني طئي ڪيون ويون) هيون انهن جو خلاف حرام آهي. طئي ٿيل وقت ۾ پنهنجو ڪم ڪرڻ بہ حرام آهي ۽ ناقص ڪم ڪري پوري پگهار وٺڻ بہ حرام آهي. (فتاوي رضويہ ج 19 ص 521)

﴿6﴾ گورنمنٽ جي اداري جو آفيسر دير سان ايندو هجي ۽ ان جي ڪوتاهي جي ڪري دفتر دير سان کلندو هجي تڏهن بہ هر ملازم تي لازم آهي تہ مقرر ٿيل وقت تي پهچي وڃي پلي ٻاهر ويهي ڪري انتظار ڪرڻو پوي. خيانت ڪندڙ ۽ بي اختيار آفيسر جو ملازم کي دير سان اچڻ يا جلدي وڃڻ جو چوڻ يا اجازت ڏيڻ بہ ناجائز کي جائز نٿو ڪري سگهي، وقت جي پابندي سيني جي لاءِ ضروري آهي.

﴿7﴾ گورنمنٽ ادارن ۾ آفيسر ۽ عام ملازمن سيني جو مخصوص وقت جو اِجارو هوندو آهي ۽ هر هڪ کي پوري ڊيوٽي ڏيڻ ضروري هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن آفيسر وقت کان پهرين هليو ويندو آهي ۽ پنهنجي ماتحت ملازم کي بہ چوندو آهي تہ تون بہ وڃ! وڃڻ وارو آفيسر تہ گنهگار آهي ئي جيڪڏهن ملازم بہ هليو ويو تہ اهو بہ گنهگار ٿيندو، ان ڪري واجب آهي تہ ڪم هجي يا نہ هجي اتي ئي دفتر ۾ اجاري جو وقت پورو ڪري. جيڪو بہ ائين هليو ويندو ان کي تنخواهہ (يعني پگهار) مان ڪٽوتي ڪرائڻي پوندي.

## اَجير جي اُجرت جو مسئلو

**سوال:** ملازم وقت تي پهچي ويو پر دفتر جي چاٻي جنهن وٽ هئي اهو دير سان آيو يا غير حاضر رهيو ۽ دفتر نہ کلي سگهيو، اهڙي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

صورت ۾ جيڪو ملازم اچي چڪو آهي ان جي ڪٽوتي ٿيندي يا پوري پگهار جو حقدار آهي؟

**جواب:** اجيرِ خاص ٻن طرح جا آهن: مستقل ملازم (مثلا پگهاردار نوڪر) ۽ ڏهاڙي جو ملازم يعني ڏهاڙي (Daily wages) تي ڪم ڪرڻ وارو. ٻنهي کي پچا ڪيل صورت ۾ اُجرت ڏيڻ يا نه ڏيڻ جو دارو مدار عُرف يا صراحت (يعني صاف لفظن ۾ طئي ٿيل صورت) تي آهي ۽ اسان وٽ عرف هي آهي ته مستقل ملازم کي ته پچا ڪيل صورت ۾ اُجرت ڏني ويندي آهي جڏهن ته ڏهاڙي (روزانه جي بنياد، Daily wages) تي ڪم ڪرڻ واري کي ناهي ڏني ويندي ها جيڪڏهن ڪنهن جڳهه جو عرف ان کان هٽي ڪري هجي ته پوءِ ان جي مطابق عمل ڪيو ويندو. ائين ئي عرف پلي جيڪو به هجي پر جيڪڏهن ڪنهن به قسم جي صراحت موجود هجي ته پوءِ ان جو ئي اعتبار ڪيو ويندو. (فتاوٰي اهلسنت غير مطبوعه)

﴿8﴾ ملازم دفتر يا دڪان تي اچڻ وڃڻ جو وقت رجسٽر ۾ درست لکي، جيڪڏهن غلط بياني مان ڪم ورتائين ۽ ڊيوٽي گهٽ ڏيڻ جي باوجود پوري وقت جي پگهار ورتائين ته گنهگار ۽ عذابِ نار جو حقدار آهي.

﴿9﴾ وقت جي اجاري ۾ پلي ڪم هجي يا نه هجي يا جلدي ڪم ختم ڪرڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن وقت کان پهرين هليو ويو ته پوءِ مالِ وقف مان ان کي پوري تنخواهه وٺڻ يا ڏيڻ جائز ناهي بلڪ جيترا ڪلاڪ مثلاً ٽي ڪلاڪ پهرين هليو ويو ته پوءِ ايتري قدر ان جي اُجرت مان گهٽتائي ڪئي ويندي. البت نجي (يعني پرائيويٽ) اداري

جي مالڪ کي معلوم هجي ان باوجود هو راضپي سان پوري پگهار ڏئي ڇڏي ته جائز آهي.

﴿10﴾ جنهن ادارن ۾ بيمارين جون موڪلون ڏنيون وينديون آهن اتي بيمار نه هجڻ جي باوجود ڪوڙ ڳالهائي يا ڊاڪٽر جي جعلي (نقلي) پرچي ڏيکاري موڪل ڪرڻ گناهه آهي. ڄاڻي واڻي ڪوڙي پرچي لکي ڏيڻ وارو ڊاڪٽر به گناهگار ۽ عذابِ نار جو حقدار آهي.

﴿11﴾ جنهن ادارن ۾ ملازمن کي علاج جون مفت سهولتون فراهم ڪيون وينديون آهن، انهن ۾ ڪوڙن بهانن سان دوا حاصل ڪرڻ، پنهنجو نالو لکرائي، ٻڌائي ڪنهن ٻئي جي لاءِ دوا ڪيرائڻ وغيره حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. اهڙن سان ڄاڻي واڻي تعاون ڪرڻ وارو به گنهگار آهي.

﴿12﴾ تنخواهه زياده ڪرائڻ يا عهدي وغيره ۾ ترقي ڪرائڻ جي لاءِ جعلي (نقلي) سند وٺڻ ناجائز ۽ گناهه آهي، ڇو ته هي ڪوڙ ۽ دوکي تي مبني آهي.

﴿13﴾ ملازم کي گهرجي ڊيوٽي جي دؤران چاڪ و چوبند رهي، سستي پيدا ڪرڻ واري اسباب کان بچي مثلاً رات جو دير سان سمهڻ سبب، بلڪ نفلي روزو رکڻ جي ڪري جيڪڏهن ڪم ۾ ڪوتاهي ٿيندي آهي ته پوءِ انهن افعالن کان پري رهي ڇوته قصدًا ڪم ۾ سستي ڪرڻ وارو پلي ڪٽوتي ڪرائي ڇڏي پر اجا به هڪ طرح سان گنهگار آهي، ڇو ته ان ڪم ڪرڻ جو معاهدو ڪيو آهي ۽ ان معاهدي جي مطابق گهٽ ۾ گهٽ معتدل يعني وچٿري انداز ۾ ان کي ڪم ڪرڻ ضروري آهي. هاڻي "فتاوٰي رضويه" جلد 19

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

صفحو 407 جي حوالي سان گذريو تہ ”جيڪڏهن مزدوري ۾ سُستي سان ڪم ڪندو آهي تہ گنهگار آهي“ ظاهر آهي ملازم جون نامناسب سستيون ۽ موڪلن سان سيٺ جي ڪم جو نقصان ٿيندو آهي بهر حال ڪوئي پڇڻ وارو هجي يا نہ هجي سستي جي ڪري ڪم ۾ جيتري ڪوٺ ٿي **الله** عَزَّوَجَلَّ ڪان ڊڄندي تنخواهہ مان اوتري ڪٽوتي ڪرائي، توبهہ بہ ڪري ۽ مستاجِر (يعني جنهن سان اجارو ڪيو آهي) ان ڪان معافي بہ گهري. ها نجي (Private) ادارو آهي ۽ سيٺ ڪٽوتي جي رقم بہ معاف ڪري ڇڏي تہ پوءِ **اِنْ شَاءَالله** عَزَّوَجَلَّ ڇوٽڪارو ملي ويندو.

﴿14﴾ اجيرِ خاص (يعني جيڪو مخصوص وقت ۾ ڪنهن هڪ ئي سيٺ يا اداري جي ڪم جو پابند هجي) ان طئي ٿيل مدت ۾ (يعني ڊيوٽي جي دؤران) پنهنجو ذاتي ڪم بہ نٿو ڪري سگهي ۽ نماز جي وقتن ۾ فرض نماز ۽ سنّتِ مؤڪّده پڙهي سگهي ٿو، اجاري جي وقت ۾ ان جي لاءِ نفل نماز پڙهڻ جائز ناهي (جڏهن تہ صراحةً يا عرفاً اجازت نہ هجي) ۽ جمعي جي ڏينهن جمعي نماز پڙهڻ لاءِ ويندو، پر جيڪڏهن جامع مسجد پري آهي جو وقت گهڻو لڳي ويندو تہ پوءِ ايتري وقت جي اُجرت گهٽ ڪئي ويندي ۽ جيڪڏهن ويجهو آهي تہ پوءِ ڪا بہ ڪمي نہ ڪئي ويندي پنهنجي اُجرت پوري ماڻيندو. (بهار شريعت ج 3 ص 161، ردالمحتار ج 9 ص 118) (جيڪڏهن نوڪري جي دؤران عشاء نماز اچي تہ پوءِ وتر پڙهي سگهي ٿو)

﴿15﴾ جيڪڏهن ڪنهن عذر جي ڪري اجيرِ خاص ڪم نہ ڪري سگهيو تہ پوءِ اجرت جو مستحق ناهي مثلاً برسات ٿي رهي هئي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (ڪنزالعمال)

جنهن جي ڪري ڪم نه ڪيائين، جيستوڻيڪ حاضر ٿيو اجرت ڪونه ملندي (يعني ان ڏينهن جي تنخواهه ڪونه ملندي) (ايضا، ردالمحتار ج 9 ص 117) جيڪڏهن ان جي تنخواهه جو ٻه عرف آهي ته پوءِ ملندي. چو ته تعطيلات معهوده (يعني جن موڪلن جي معمول هوندو آهي انهن) جي تنخواهه ملندي آهي.

﴿16﴾ هر هڪ ملازم پنهنجي روزانه جي ڪم جو احتساب (يعني حساب ڪتاب) ڪري ته اڄ ڊيوٽي جي ٽائمنگ ۾ غير ضروري ڳالهين يا فضول ڪمن ۾ ڪيترو وقت خرچ ٿيو؟ اچڻ ۾ ڪيتري دير ٿي؟ وغيره ۽ غير واجبي موڪلن جو شمار ڪري پاڻ ئي حساب لڳائي هر مهيني تنخواهه مان ڪٽوتي ڪرائي. دعوت اسلامي جي جامعات المدينه ۽ ٻين شعبن ۾ ڪي محتاط اجير ڏٺا آهن جيڪي پنهنجي مشاهري (يعني تنخواهه) مان هر مهيني احتياطاً ڪجهه نه ڪجهه ڪٽوتي ڪرائيندا آهن. انهن جو جذبو صد ڪروڙ مرحبا! هر ڪنهن کي انهن چڱن جو نقل ڪرڻ گهرجي. پنهنجي ڪجهه (رقم وغيره) جيڪڏهن اداري وٽ رهجي وئي ته پوءِ ڪوئي نقصان ناهي جيڪڏهن هڪ روپيو ٻه زبردستي وٺي ورتو ته پوءِ آخرت جي عذاب جي تاب ڪنهن ۾ ٻه ناهي.

﴿17﴾ مُراقِب (يعني سپر وائزر) يا مقرر ذميدار تمام مزدورن جي حسبِ استطاعت نگراني ڪري، وقت ۽ ڪم ۾ ڪوتاهي ۽ سستيون ڪرڻ وارن جي مڪمل ڪارڪردگي (رپورٽ) ڪمپني يا اداري جي لاڳاپيل آفيسر تائين پهچائي. مُراقِب (سپروائزر) جيڪڏهن همدردي يا مُروَّت يا ڪنهن ٻه سبب سان ڄاڻي واڻي پردو وجهندو ته خائن ۽

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

گنهگار ۽ عذابِ نار جو حقدار ٿيندو.

﴿18﴾ مذهبي يا سماجي اداري جا مقرر ڪيل ذميدار ۽ مُفَتِّش جيڪڏهن اداري جي ملازمن جي ڪوتاهين ۽ غير قانوني موڪلن کان آگاهہ هجڻ جي باوجود ڏنو اڻ ڏنو ڪرڻ (يعني ڄاڻي واڻي اڻ ڄاڻ بڻجڻ) ۽ ان جي ڪري انهن ملازمن کي وقف جي رقم مان مڪمل تنخواهہ ڏني ويندي تہ وٺڻ وارن سان گڏوگڏ مُتَعَلِّقہ ذميدار بہ خائن ۽ گناهگار ۽ عذابِ نار جا حقدار ٿيندا.

﴿19﴾ ڪنهن مذهبي اداري ۾ اجاري جي شرعي مسائل تي سختي سان عمل ڏسي ڪري نوڪري کان ڪيٻائڻ صرف ان جي ڪري اِسْتِعفيٰ ڏئي اهڙي جاءِ تي ملازمت اختيار ڪرڻ جتي ڪو پڇڻ وارو نہ هجي انتهائي نا مناسب آهي. ذهن هي ناهڻ گهرجي تہ جتي اِجاري جي شرعي احڪام تي سختي سان عمل هجي اتي ڪم ڪندس تہ جيئن ان جي برڪت سان مَعصِيت جي نحوست کان بچان ۽ حلال ۽ پاڪ روزي بہ ڪمائي سگهان.

﴿20﴾ جيڪو اجاري جي مطابق ڪم نٿو ڪري سگهي مثلاً مُدَرِّس آهي پر صحيح پڙهائي نہ پيو سگهي تہ ان کي گهرجي تہ هڪدم مستاجِر (يعني جنهن سان اجارو ڪيو آهي ان) کي آگاهہ ڪري.

﴿21﴾ جيڪڏهن وقف جي اداري جو ڪو مُدَرِّس صحيح نٿو پڙهائي سگهي اهڙي طرح ناظم يا ڪنهن بہ قسم جو اجير عرف ۽ عادت کان هٽي ڪري ڪوتاهيون ڪري رهيو آهي تہ پوءِ لاڳاپيل ذميدار تي واجب آهي تہ ان کي مَعزول ڪري.

﴿22﴾ جيڪڏهن مخصوص مدت مثلاً ٻارهن مهينن جي لاءِ ملازمت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

جو اِجارو آهي تہ پوءِ هاڻي بنا فريقين جي رضامندي جي اِجارو ختم نٿو ٿي سگهي، سيٺ جو هروڀرو ڌمڪيون ڏيڻ تہ (وقت کان پهرين ئي) فارغ ڪري ڇڏيندس ۽ اهڙي طرح ضرورتمند سيٺ کي نوڪر جو ٻيڇاريندي رهڻ تہ نوڪري ڇڏي هليو ويندس، درست ناهي. ها جنهن مجبورين کي شريعت تسليم ڪندي آهي ان صورت ۾ ٻنهن مان ڪو بہ وقت کان پهرين اِجارو ختم ڪري سگهي ٿو.

﴿23﴾ جيڪڏهن ڪنهن کي چئي ڇڏيائين تہ پهرين تاريخ کان نوڪري يا ڪم تي اچي وڃجان ۽ اُجرت طئي ڪري ڇڏي مگر مدت طئي ڪونہ ڪيائين تہ پوءِ عرف ڏٺو ويندو جيڪڏهن ڏهاڙي تي رکندا آهن تہ هڪ ڏينهن جو، هفتي جي لاءِ رکندا آهن تہ هڪ هفتي جو، ۽ جيڪڏهن مهيني جي لاءِ رکندا آهن تہ هڪ مهيني جو اجير قرار ڏنو ويندو. مثلاً ان ڪم ڪار ۾ هڪ مهيني جو عرف (يعني معمول) هجي تہ پوءِ سيٺ ۽ نوڪر ٻنهي کي اختيار آهي تہ مهيني پوري ٿيڻ تي اِجارو ختم ڪري ڇڏين، جيڪڏهن اجارو ختم نہ ڪيو ۽ ٻئي مهيني جي هڪ رات ۽ هڪ ڏينهن گذري ويو تہ هاڻي اهو مهينو پورو ٿيڻ کان اڳ ۾ اِجاري ختم ڪرڻ جي اجازت ناهي، جڏهن بہ اجارو ختم ڪرڻو هجي مهيني جي پهرين ڏينهن ئي ختم ڪرڻو پوندو، ها مهينو پوري ٿيڻ کان پهرين اجير ۽ مستاجِر هڪ ٻئي کي آگاهہ ڪري سهگن تا تہ ايندڙ مهيني جي پهرين تاريخ کان اجارو ختم ٿي ويندو. فتاوٰي رضويہ جلد 16 صفحو نمبر 346 تي هڪ سوال جي جواب ۾ لکيل آهي: عام رواج اهو آهي تہ اجاري جي ڪا مدّت مقرر ناهي ڪئي ويندي (مثلاً) پوري سال جي لاءِ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

توڪي امام ڪيو يا ڇهن مهينن جي لاءِ بلڪ صرف امامت ۽ ان جي مقابلي ۾ ماهوار ايترو (پگهار طئي) ٿيڻ جو بيان هوندو آهي، تہ (اهڙي طرح جو) اجارو صرف پهرين مهيني جي لاءِ صحيح ٿيو هر مهيني جي ابتدا ٿيندي اجير ۽ مستاجر هر ڪنهن کي هڪ ٻئي جي سامهون ان جي فسخ (يعني منسوخ) ڪرڻ جو اختيار هوندو آهي. "دُرِّمُختار" ۾ آهي دڪان مسواڙ تي ڏني تہ هر مهيني ايتري مسواڙ هوندي تہ اهو فقط هڪ مهيني جو اجارو صحيح ٿيو، باقي مهينن ۾ جهالت سبب (يعني مدت جو تَعَيُّن واضح نہ هئڻ جي ڪري اجارو) فاسد آهي ۽ جڏهن مهينو پورو ٿي ويو تہ پوءِ ٻنهي مان هر ڪنهن کي ٻئي جي موجودگي ۾ اِجارو فسخ (يعني منسوخ) ڪرڻ جو اختيار آهي ڇو جو عقد صحيح ختم ٿي ويو. (درمختار ج 9 ص 84)

﴿24﴾ مسلمان ڪافر وٽ خدمت گاري جي نوڪري ڪري اها منع آهي، بلڪ ڪنهن اهڙي ڪم تي ڪافر سان اجارو نہ ڪري جنهن ۾ مسلمان جي ذلت هجي (اهڙو اِجارو جائز ناهي) (عالمگيري ج 4 ص 435) عام طور تي هي ڪم يعني ڪافر جا پير دٻائڻ، ان جي ٻارن جي گندگي ڪڍڻ، گهر يا دفتر جو ٻهارو پوچو ڪرڻ، گند ڪچرو ڪڍڻ، ليٽرين ۽ گندي نالين جي صفائي، ان جي گاڏي کي ڌوئڻ وغيره ذلت ۾ شامل آهي. البت اهڙي نوڪري جنهن ۾ مسلمان جي ذلت نہ هجي اها ڪافر وٽ ڪرڻ جائز آهي.

﴿25﴾ سيد سڳوري کي بہ ذلت جي ڪمن تي ملازم رکڻ جائز ناهي. دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 692 صفحن تي مشتمل ڪتاب "ڪُفريه ڪلمات ڪے بارے ميں سوال جواب"

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

صفحي 284 کان 285 تي آهي منهنجي آقا اعليٰ حضرت، **امام اهلسنت،** مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي خدمت ۾ سوال ٿيو تہ سيد جي پٽ کان جڏهن شاگرد هجي يا ملازم هجي ديني يا دنياوي خدمت وٺڻ ۽ ان کي مارڻ جائز آهي يا نہ؟ **الجواب:** ذليل خدمت ان کان وٺڻ جائز ناهي، نہ اهڙي خدمت تي ان کي ملازم رکڻ جائز. ۽ جنهن خدمت ۾ ذلت ناهي ان تي ملازم رکي سگهي ٿو، شاگرد هئڻ جي صورت ۾ بہ جيتري تائين عرف ۾ معروف هجي (خدمت وٺڻ) شرعًا جائز آهي، وٺي سگهي ٿو ۽ ان کي (يعني سيد کي) مارڻ کان بلڪل پرهيز ڪري. **وَاللهُ تعالٰي اَعۡلَم** (فتاوي رضويہ ج 22 ص 568)

﴿26﴾ ملازم پنهنجي دفتر وغيره جو قلم، ڪاغذ ۽ ٻيون شيون پنهنجي ذاتي ڪمن ۾ صرف ڪرڻ کان اِجۡتِناب (يعني پرهيز) ڪري.

﴿27﴾ جيڪڏهن اداري جي طرفان ذاتي ڪم ۾ ٽيليفون استعمال ڪرڻ جي اجازت هجي تہ پوءِ اجازت جي حد تائين استعمال ڪري سگهن ٿا. جيڪڏهن اجازت ناهي تہ پوءِ ذاتي ڪم جي لاءِ استعمال ڪرڻ ناجائز ۽ گناهه آهي.

﴿28﴾ اِجاري جي وقت ۾ ڪڏهين ڪڏهين تمام گهٽ (يعني ٿورڙي وقت) جي لاءِ ذاتي فون ٻڌڻ جي عرفًا اجازت هوندي آهي. البت جيڪڏهن ڪو اجاري جي وقت ۾ بار بار فون ٻڌندو آهي ۽ ڳالهہ ٻولهہ بہ ڏهہ پندرهن منٽن کان گهٽ نہ هوندي آهي تہ اهڙي قسم جا ذاتي فون ٻڌڻ جائز ناهن ڇو تہ اهڙي طرح ڪم ۾ مستاجِر (يعني اِجاري تي رکڻ واري) جو بہ نقصان ٿيندو.

﴿29﴾ ملازم کي اِجاري جي مدت جي دؤران ڳالهہ ڳالهہ تي ڏمڪي

ڏيڻ تہ مدت پوري ٿيڻ کان پهريان ئي نوڪري کان ڪڍي ڇڏيندس درست ناهي بلڪ ڪڏهن تہ ڪنهن ٿورڙي ڳالهہ تي ڪاوڙ اچي وڃڻ تي بہ ڪڍي ڇڏيندا آهن ائين ڪرڻ جائز نہ آهي ها ڪو تمام وڏو معاملو درپيش ٿئي جيڪو شرعًا يڪطرفہ اجازت کان فسخ ڪرڻ جو عذر هجي تہ پوءِ ٻنهي مان ڪو بہ اِجارو ختم ڪري سگهي ٿو، مثلاً ٻئي ملڪ ۾ ويو ۽ ٻن سالن جو اجارو طئي ٿيو مگر هڪ سال پوري ٿيندي ئي **Visa** جي مدت ختم ٿي وئي ۽ وڌيڪ نہ ملي تہ ملازم اجارو ختم ڪري ڇڏي ڇو تہ قانوني جرم هجڻ جي ڪري بنا **Visa** جي ان ڪي اتي رهڻ جائز ناهي.

**﴿30﴾** جيڪڏهن نوڪري (يا ڪرائي تي ورتل دڪان وغيره) ڇڏڻو هجي تہ هڪ مهينو پهرين ٻڌائڻو پوندو نہ تہ هڪ مهيني جي پگهار ڪاٽي ويندي (يا ڪرايو وصول ڪيو ويندو) ملازم (يا ڪرايي دار) سان اهڙي طرح جو ڪيل معاهدو باطل آهي. جيڪڏهن هن هڪ مهيني پهرين بنا ٻڌائي نوڪري ختم ڪري ڇڏي (يا ڪرائي تي ورتل جڳهہ خالي ڪري ڇڏي) تڏهن بہ پگهار ڪٽڻ (يا وڌيڪ ڪرايو وصول ڪرڻ) ظلم هوندو، اهڙي موقعي تي هڪ مهينو تہ ڇا هڪ ڪلاڪ جي بہ پگهار جيڪڏهن ڪٽيائين (يا وڌيڪ ڪرايو وصول ڪيائين) تہ پوءِ گنهگار ۽ عذاب نار جو حقدار ٿيندو.

**﴿31﴾** ملازم جيڪڏهن بيماري جي ڪري موڪل ڪئي يا ڪم گهٽ ڪيائين تہ مستاجِر (يعني جنهن سان اجارو ڪيو آهي ان) کي تنخواهہ مان ڪٽوتي جو حق حاصل آهي. مگر ان جي صورت هي آهي تہ جيترو ڪم گهٽ ڪيو صرف اوتري ئي ڪٽوتي ڪئي وڃي مثلا 8

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.** (طبراني)

ڪلاڪن جي ڊيوٽي هئي ۽ ٽي ڪلاڪ ڪم نه ڪيائين ته پوءِ صرف ٽن ڪلاڪن جي اُجرت ڪاٽي وڃي، پوري ڏينهن بلڪ اڌ ڏينهن جي اُجرت ڪاٽي وٺڻ به ظلم آهي (تفصيل جي لاءِ فتاوٰي رضويه ج 19 صفحو 515 کان 516 ڏسي وٺو)

**﴾32﴿** امام و مؤَذِّن عرف ۽ عادت جي موڪلن کان علاوه جيڪڏهن غير حاضري ڪن ته تنخواه مان ڪٽوتي ڪرائي ڇڏين. مثلاً امام صاحب جي مهيني جي تنخواه ٽي هزار روپيا آهي ته پوءِ موڪلون ڪرڻ تي 20 روپيا في نماز ڪٽائي، اهڙي طرح مُؤَذِّن صاحب به حساب لڳائي. (بنا صحيح عذر جي ڄاڻي واڻي معاهدي جي خلاف ورزي ڪئي ۽ موڪلون ڪندو رهيو ته ڪٽوتيون ڪرائڻ جي باوجود گناه ذمي باقي رهندا ان ڪري سچي توبهه ڪري ۽ اهڙي طرح جي فضول موڪلن کان پاسو ڪري)

**﴾33﴿** امام، مُؤَذِّن ۽ مسجد جو خادم ۽ (ديني و دنياوي) هر طرح جي ملازمتن ۾ عرف ۽ عادت (يعني جاري معمول) جي مطابق ڪيل موڪلن مان تنخواه جي ڪٽوتي نٿي ڪري سگهجي، البت عرف (رائج طريقي) کان هٽي ڪري جيڪي موڪلون ڪيون وڃن انهن تي تنخواه ڪاٽي وڃي.

**﴾34﴿** جيڪو پنهنجي طرفان تنخواه ڏيندو هجي ان کي امام ۽ مؤَذِّن وغيره جي عرف کان زائد ڪيل موڪلن تي ڪٽوتي ڪرڻ، نه ڪرڻ جو اختيار آهي. اهڙي طرح سيٺ پنهنجي نوڪر جي معاملي ۾ با اختيار آهي.

**﴾35﴿** اسان جي عرف ۾ امام ۽ مؤذن کي مهيني ۾ هڪ يا ٻه

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

موڪلون ڪرڻ جي اجازت هوندي آهي، اهي ان موڪلن جي تنخواهه ماڻيندا. ها مختلف علائقن جي اعتبار سان عرف مختلف ٿي سگهي ٿو.

﴾36﴿ جيڪڏهن امام يا مؤذِّن دعوت اسلامي جي ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪن ته پوءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن جي تنخواهه ضرور ڪٽائن ۽ هڪ ڏينهن جي به صرف ان صورت ۾ جڏهن ته ان مهيني ۾ ڪنهن ٻئي ڏينهن جي موڪل نه ڪري، الغرض مهيني جي ٻن موڪلن کان علاوه اضافي موڪلن جي تنخواهه ڪٽائي ڇڏين جڏهن ته عرف ۾ صرف ٻه موڪلون هجن.

﴾37﴿ ڪڏهن ڪڏهن امام نماز جي ۽ مُؤَذِّن اذان جي موڪل ڪري وٺندا آهن اهڙي موقعن تي اتان جو عرف (يعني معمول) ڏٺو ويندو. جيڪڏهن اهڙي طرح جي موڪلن تي اتي ڪٽوتي ناهي ڪئي ويندي ته نه ڪئي وڃي، نه ته ڪئي وڃي.

﴾38﴿ مسجد جي متولين جي راضپي جي صورت ۾ امام و مؤذِّن عرف کان وڌيڪ موڪلن ۾ پنهنجو نائب ڏئي ڇڏين ته تنخواهه ڪونه ڪاٽي ويندي.

﴾39﴿ اسان جي ماحول ۾ عام طور تي مُؤَذِّن سان صراحةً (يعني واضح طور تي) يا دلالةً طئي (يعني Understood) هوندو آهي ته اهو امام جي غير حاضري ۾ نماز پڙهائيندو، اهڙي صورت ۾ امام ان کي پنهنجو نائب نٿو ٺاهي سگهي ڪنهن ٻئي کي ٺاهي. ٻئي کي نائب ٺاهڻ جي صورت ۾ مُؤَذِّن يا انتظاميه خوش نه هجي ته ضروري آهي ته نائب مقرر ڪرڻ بدران ڪٽوتي ڪرائي. البت هي صورت تي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

سگهي ٿي تہ مُؤَذِّن صاحب ۽ انتظاميہ سان مشاورت ڪان پوءِ ڪنهن کي نائب طور مقرر ڪري وٺي.

﴿40﴾ امام ۽ مؤذن هر سال اٽڪل هڪ هفتي جي لاءِ پنهنجي عزيزن مائٽن سان ملڻ لاءِ شهر ڪان ٻاهر وڃي سگهن ٿا انهن ڏينهن جي تنخواه جا حقدار رهندا.

﴿41﴾ امام، مؤَذِّن يا ڪنهن بہ دڪان وغيره جو ملازم سخت بيمار ٿي وڃي يا ڪا فوتگي ٿي وڃي تہ ان صورت ۾ ڇٽيڻ واري موڪلن ۾ اتان جو عرف ڏنو ويندو جيڪڏهن تنخواه ڪٽڻ جو عرف (يعني معمول) آهي تہ ڪاٽي وڃي، نہ تہ ڪاٽي نہ وڃي.

﴿42﴾ امام يا مؤَذِّن يا مُدَرِّس يا ڪنهن ملازم جو گهر پري آهي "ڦيٽا روڪ هڙتال" جي ڪري سواري نہ ملي يا هنگامن جي صحيح خوف جي ڪري موڪل ٿي وئي تہ جيڪڏهن پهرين طئي ٿي ويو هيو تہ اهڙي موقعن تي تنخواه نہ ڪاٽي ويندي يا اتان جو عرف (يعني معمول) ئي ائين هجي جو اهڙي موقعن تي ڪٽوتي ڪونہ ٿيندي آهي تہ اهڙي طرح جي موڪل جي تنخواه ماٽيندو. ياد رهي! معمولي هڙتال موڪل جي لاءِ عُذر نہ آهي.

﴿43﴾ حج يا عمري جي ڪري ڇٽيڻ وارين موڪلن جي تنخواه ڪٽرائڻي پوندي. (ڏسو فتاوٰي رضويہ جلد 16 صفحو 209)

﴿44﴾ جيڪڏهن 28 تاريخ تي ملازمت ترڪ ڪئي تہ (هجري سال جي مهيني جي اعتبار سان نوڪري هجي تہ) باقي ڏينهن مثلاً هڪ، بہ ڏينهن يا (عيسوي سن جي مهيني جي اعتبار سان نوڪري هجي تہ) باقي ٽن ڏينهن جي تنخواه جو مستحق ناهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعلیٰ)

﴿45﴾ نجي اداري جي سيٺ يا ان جي نائب جي اجازت سان ڪم ڪار جي وقتن ۾ ملازم سنتِ غيرِ مؤَڪَّده، نفل ۽ ٻيا وِرد پڙهي سگهي ٿو ۽ اجازت هئڻ تي درس، سنتن ڀريي اجتماع وغيره مستحب ڪمن ۾ شرڪت ڪري سگهي ٿو.

﴿46﴾ چوڪيدار، گارڊ يا پوليس وغيره جنهن جو ڪم جاڳي ڪري پهرو ڏيڻ جو هوندو آهي جيڪڏهن ڊيوٽي جي اوقات ۾ ڄاڻي واڻي سمهي رهيا ته گنهگار ٿيندا ۽ (قصدًا يا بلا قصد) جيتري دير ستل رهيا يا غافل ٿيا ايتري دير جي اُجرت ڪٽرائڻي پوندي.

﴿47﴾ مطالبا منظور ڪرائڻ جي لاءِ ملازمن جو يا ڪجھ حالات بهتر ڪرائڻ جي لاءِ ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪري هڙتال ڪرڻ (يعني ڪم کان رڪجڻ) ملازم ۽ مالڪ جي درميان معاهدي جي خلاف ورزي آهي ائين ڪرڻ منع آهي.

﴿48﴾ هڪ ئي وقت ۾ ٻه جڳھ نوڪري ڪرڻ يعني اجاري تي اجارو ڪرڻ ناجائز آهي. البت جيڪڏهن اهو پهريان ئي ڪنهن نوڪري تي لڳل آهي ته پوءِ هاڻي پنهنجي سيٺ جي اجازت سان ٻئي جاءِ تي ڪم ڪري سگهي ٿو، جڏهن ته پهرين جڳھ جي ڪري ٻئي جاءِ جي ڪم ۾ ڪنهن طرح جي ڪوتاهي نہ ٿيندي هجي.

﴿49﴾ عرف جي مطابق جيڪا موڪل هوندي آهي ان ۾ مُستاجِر (سيٺ) پنهنجي ملازم کان ڪم نٿو وني سگهي جيڪڏهن جبرًا وٺندو ته گناهگار ٿيندو. ها حڪم ڏيڻ واري لهجي ۾ نہ، فقط درخواست ڪرڻ تي ملازم خوشدلي سان ڪم ڪري يا موڪل جي وقت ۾ ڪيل ڪم جي پاڻ ۾ الڳ سان اُجرت طئي ڪئي وڃي ته

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

پوءِ جائز آهي اهو قاعدو ياد رکو! جتي دلالةً (يعني علامت سان معلوم هجي Understood) يا صراحةً (يعني کلم کليو ظاهري طور) اُجرت ثابت هجي اتي طئي ڪرڻ واجب آهي. اهڙي موقعي تي طئي ڪرڻ جي بجاءِ ائين چوڻ ته ڪم تي اچي وڃ ڏسي وٺنداسين، جيڪو مناسب هوندو ڏئي ڇڏينداسين، خوش ڪري ڇڏينداسين، خرچي ملندي وغيره الفاظ قطعًا ناڪافي آهن بغير طئي ڪئي اُجرت ڏيڻ وٺڻ گناهه آهي، طئي ٿيل کان وڌيڪ طلب ڪرڻ به منع آهي. هي قاعدو رڪشي، ٽيڪسي جي ڊرائيورن، هر طرح جي ڪاريگرن وغيره ۽ انهن کان ڪم ڪرائڻ وارن کي ياد رکڻ ضروري آهي. البت جتي فريقين ۾ مقرر ٿيل (يعني Fix) اُجرت يا ڪرائي جو معلوم هجي اتي طئي ڪرڻ جي حاجت ناهي ۽ جتي اهڙو معاملو هجي ته ڪم ڪرائڻ واري چيو: ڪجهه به نه ڏيندس، هن به چئي ڇڏيو ڪجهه به نه وٺندس ۽ پوءِ پنهنجي مرضي سان ڏئي ڇڏيو ته اهڙي ڏيتي ليتي ۾ ڪو حرج ناهي.

﴿50﴾ مزدوري يا ڊيوٽي ۾ سستي ۽ موڪلن جي باوجود جيڪو مڪمل اُجرت يا تنخواهه وٺندو رهيو ۽ هاڻي پشيمان آهي ته ان جي لاءِ صرف زباني توبهه ڪافي نه آهي، توبهه ڪرڻ سان گڏوگڏ اڄ تائين جيتري اُجرت يا تنخواهه وڌيڪ حاصل ڪئي آهي ان جي به شرعي ترڪيب ڪرڻي پوندي. جيئن ته ان مسئلي جو حل بيان ڪندي منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا (جيترو ڪم ڪيو) ان کان جيڪو ڪجهه وڌيڪ مليو (اهو) مستاجر (يعني جنهن اُجرت تي رکيو ان) کي واپس موٽائي ڏي، اهو نه رهيو هجي (ته) ان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

جي وارثن کي ڏئي ڇڏي، انهن جو به پتو نه پوي (ته) مسلمان محتاج (يعني مسلمان فقير يا مسڪين) تي تَصَدُّق (يعني خيرات) ڪري. پنهنجي صرف (يعني استعمال) ۾ آڻڻ يا غير صدقي ۾ خرچ ڪرڻ حرام آهي. (فتاوٰي رضويه ج 19 ص 407) وقف جي اداري ۾ بهرحال واپس ئي ڪرڻي پوندي جيڪڏهن رقم ياد ناهي ته غالب گمان جي حساب سان ماليت طئي ڪري بيان ڪيل شرعي حڪم تي عمل ڪريو. ياد رکو! پرايو مال ناجائز طريقي سان کائڻ محشر ۾ ڦاسائي سگهي ٿو. جيئن ته فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جيڪو شخص پرايو مال ڦٻائيندو اهو قيامت جي ڏينهن **الله** عَزَّوَجَلَّ سان ڪوڙهه وارو ٿي ڪري ملندو. (المعجم الڪبير ج 1 ص 233 حديث 637)

**نوٽ:** هي رسالو "ملازمن جي لاءِ 21 مدني گل" پهريون ڀيرو 3 جمادي الاولي 1427 هه (بمطابق مئي 2006ء) تي منظر عام تي آيو ۽ ڪيترا ئي ڀيرا شايع ڪيو ويو. وري وڌيڪ ترميم ۽ اضافي سان ڇپيو هو. جمادي الاولي 1434هه (بمطابق مارچ 2013ء) ۾ ان تي نظر ثاني ڪئي.

## ماخذ و مراجع


| | | | |
|---|---|---|---|
| قرآن پاڪ | مڪتبة المدينه باب المدينه ڪراچي | مسند امام احمد بن حنبل | دار الفڪر بيروت |
| نورالعرفان | پير ڀائي ڪمپني مرڪز الاوليا لاهور | تاريخ بغداد | دار الڪتب العلميه بيروت |
| بخاري | دار الڪتب العلميه بيروت | در مختار | دار المعرفة بيروت |
| مسلم | دار ابن حزم بيروت | ردالمحتار | دار المعرفة بيروت |
| ترمذي | دار الفڪر بيروت | فتاوي رضويه | رضا فائونڊيشن لاهور |
| ابن ماجه | دار المعرفة بيروت | بهار شريعت | مڪتبة المدينه باب المدينه ڪراچي |
| معجم ڪبير | دار احياءِ التراث العربي بيروت | احياء العلوم | دار صادر بيروت |
| معجم اوسط | دار الڪتب العلميه بيروت | مڪاشفة القلوب | دار الڪتب العلميه بيروت |

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# شفاعت واجب ٿي ويندي

فرمان مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم : جنهن اهو پڙهيو:

## "اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ"

ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي

(معجم كبير ج 5 ص 25 حديث 4480)

اي الله عزوجل! حضرت محمد صلى الله تعالى عليه واله وسلم تي رحمت نازل فرما ۽ انهن کي قيامت جي ڏينهن پنهنجي بارگاهه ۾ مقرب مقام عطا فرما.




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي
باب المدينه ڪراچي فون نمبر : 91 -90 -34921389 -021